**”ان اول من لبس السراويل ابراهيم عليه السلام“ (5)**

**ترجمو:** بيشڪ سڀ کان پهريون سٿڻ ڪي حضرت ابراهيم عليه السلام پهريو هو.

## لباس پائڻ جو طريقو

نبي ڪريم عليه السلام لباس پائڻ جا هيٺيان اصول بيان ڪيا آهن:

**سڄي ڪان شروعات ڪرڻ:** لباس پائڻ وقت شروعات سڄي پاسي کان ڪجي. جيئن حديث شريف ۾ آهي:

**”عن حفصة زوج النبي صلي الله عليه وسلم قالت: ڪانت يمينه لطعامه وطهوره وصلاته وثيابه وڪانت شماله لما سوي ذالڪ“ (6)**

**ترجمو:** حضرت بي بي حفصه رضه کان روايت آهي ته نبي ڪريم عليه السلام کائڻ، وضو ڪرڻ، نماز جي سلام ڦيرائڻ ۽ ڪپڙن پائڻ ۾ سڄو پاسو ڪندا هئا.

**نون ڪپڙن پائڻ کان پهريون دعا گهرڻ:** ماڻهو نوان ڪپڙا پائڻ کان پهريون الله جي ساراهه (الحمدلله) چئي. جيئن حديث شريف ۾ آهي:

**”قال رسول الله ﷺ: اذا لبس احدڪم ثوبا جديدا فليقل الحمدلله الذي ڪساني ما اواري به عورتي، واتجمل به في الناس“ (7)**

**ترجمو:** نبي ڪريم عليه السلام فرمايو: جڏهن توهان مان ڪو ماڻهو نوان ڪپڙا پائي ته سڀ کان پهريون الله جي ساراهه ڪري جنهن ڪپس اهي ڪپڙا پارايا جنهن سان انجي اوگهڙ ڍڪجي وئي ۽ انجي لباس ڪي ماڻهن لاءِ سونهن بڻايائين.

## عورتن لاءِ لباس جو حڪم:

اسلام ۾ عورتن لاءِ لباس جا مختلف حڪم آيل آهن. (1) فرض يا واجب (2) مستحب (3) مباح (4) حرام.

**عورت جو اجنبي مردن لاءِ فرض يا واجب لباس:** منهن ۽ هٿ
ڪان سواءِ عورتن جو سمورو جسم غير محرمن (پراون ماڻهن) لاءِ اوگهڙ آهي
۽ اوگهڙ جو ڍڪڻ انهن مٿان فرض آهي. قرآن مجيد ۾ فرمان آهي:

**"وقل للمومنات يغضضن من ابصارهن ويحفظن فروجهن ولايبدين زينتهن الا ماظهر منها" (8)**

**ترجمو:** اي نبي! مومن عورتن کي چو ته پنهنجون نظرون جهڪيون (هيٺ) رکن ۽ پنهنجي اوگهڙ جي حفاظت ڪن ۽ نه ظاهر ڪن پنهنجي سونهن کي مگر جيڪا ظاهر آهي.

مفسرن "الا ماظهر منها" جي تفسير ۾ لکيو آهي:

**"واما ماظهر منها فهو الوجه والکفان والخاتم، کما نقل ابن عباس وجماعة، وهو المشهور عند الجمهور. قال الحنفية والمالکية والشافعي في قول له: ان الوجه والکفين ليسا بعورة. وروي عن ابي حنيفة: ان القدمين ليستا من العورة" (9)**

**ترجمو:** مگر جيڪا شيءِ ظاهر آهي، ان ۾ منهن، هٿي هٿ ۽ منڊي شامل آهي. اها ڳالهه حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه ۽ جماعت نقل ڪئي آهي ۽ اهائي ڳالهه جمهور وٽ مشهور آهي. حنفين، مالڪين ۽ هڪ قول مطابق امام شافعي وٽ به منهن ۽ هٿي هٿ اوگهڙ نه آهن. ۽ امام ابوحنيفه رحه جو چوڻ آهي ته عورت جا پير به اوگهڙ ۾ شامل نه آهن.

مٿين ڳالهه جي تصديق هيٺين حديث شريف مان به ٿئي ٿي.

**"عن عائشة ان اسماءَ بنت ابي بکر دخلت علي رسول الله ﷺ وعليها ثياب رقاق فاعرض عنها رسول الله ﷺ وقال يا اسماءَ ان المراة اذا بلغت المحيض لم يصلح لها ان يري منها الا هذا وهذا واشار الي وجهه وکفيه" (10)**

**ترجمو:** حضرت عائشه رضه فرمائي ٿي ته بي بي اسماءَ بنت ابوبڪر رضي الله عنه رسول الله ﷺ وٽ آئي، انکي سنها ڪپڙا پاتل هئا. نبي ڪريم ﷺ انکان

پنهنجو منهن مبارڪ ڦيرايو ۽ فرمايو: اي اسماءُ! جڏهن عورت بالغ ٿئي ته ان لاءِ هيءُ ڳالهه صحيح نه آهي جو سندس جسم ڏسڻ ۾ اچي مگر هي ۽ هي، منهن ۽ هٿن ڏانهن اشارو ڪرڻ فرمايو.

ڊاڪٽر احمد شرباصي وڌيڪ تفصيل لکندي فرمايو آهي:

**”فجعل جسم المراة الاجنبية عورة، يحرم علي الرجل ان ينظر اليه الا الوجه والكفين، فهما ليسا بعورة ، فيجوز النظر اليهما، في حالة امن الفتنة. ومن ادب الاسلام ان يغض الرجل عن التطلع الي جسم المراة ماظهر منه ومابطن“ (11)**

**ترجمو:** اجنبي عورت جو جسم اوگهڙ آهي ۽ ماڻهن لاءِ انجو منهن ۽ هٿن کان سواءِ ٻيو سمورو جسم ڏسڻ حرام آهي. انجو منهن ۽ هٿ اوگهڙ ۾ شامل نه آهن، جڏهن ماڻهو کي فتني جو انديشو نه هجي انهن ٻنهي (عورت جي منهن ۽ هٿن) جو ڏسڻ جائز آهي. باقي اسلامي آداب جي روشني ۾ مرد پنهنجيءَ نظر کي اجنبي عورت جي ظاهري يا باطني جسم جي ڏسڻ کان جهڪو رکي.

**عورت جو محرم مردن لاءِ لباس:** محرم مردن اڳيان عورت کي پنهنجي سونهن ظاهر ڪرڻ جي اجازت آهي. قرآن مجيد ۾ آهي:

**”ولايبدين زينتهن الا لبعولتهن او آبائهن او آباءِ بعولتهن او ابنائهن او ابناءِ بعولتهن او اخوانهن او بني اخوانهن او بني اخواتهن“ (12)**

**ترجمو:** ۽ عورتون پنهنجو سينگار ظاهر نه ڪن مگر پنهنجن مڙسن، پيئرن، سهرن يا پنهنجي پٽن يا پنهنجي مڙسن جي پٽن يا پنهنجي ڀائرن يا پنهنجي ڀائين يا پنهنجي ڀاڻيجن يا پنهنجن زائفن اڳيان.

محرم مردن اڳيان عورتون گهريلو لباس پائي سگهن ٿيون، جو ته گهر ۾ ڪم ڪار دوران چادر ويڙهڻ يا ٻانهون ڪنجڻ مشڪل آهي.

مفسر وهبة زحيلي فرمائي ٿو:

**”واما اذا ڪانت المراة ذات محرم من الرجل بنسب او رضاع او**

**مصاهرة فعورتها معه مابين السرة والركبة" (13)**

**ترجمو:** جڏهن عورت مرد جي محرمات مان هجي نسب يا رضاعت ۾ يا ساهرن طرفان ته پوءِ گوڏن ۽ دن جي وچ وارو جسم انهن لاءِ اوگهڙ آهي.

حنفي عالمن سيني ۽ پٺي کي به محرم مردن لاءِ اوگهڙ قرار ڏنو آهي ۽ اها ڳالهه حقيقت جي بلڪل قريب آهي. ڇوته عورت جي پٺي ۽ پستان وغيره به ڪشش وارن عضون ۾ شامل آهن ۽ قميص يا چولو پائڻ عورتن جي لازمي لباس ۾ شامل آهي.

**عورتن جو عورتن لاءِ لباس:** عورتن کي ٻين عورتن اڳيان لباس پائڻ ۾ رعايت ڏني وئي آهي. ڇوته عورتن جو هڪ ٻئي سان گهرن ۾ ملڻ جلڻ عام ٿئي ٿو. ۽ عام حالتن ۾ عورتن لاءِ سموري جسم جو ڍڪڻ مشڪل يا ناممڪن آهي، انڪري محرم مردن ۽ عورتن جو هڪ ٻئي لاءِ اوگهڙ وارو حڪم ساڳيو آهي.

مفسر وهبة زحيلي لکي ٿو:

**"عورة المراة مع المراة، كعورة الرجل مع الرجل، لها النظر الي جميع بدنها الا ما بين السرة والركبة" (14)**

**ترجمو:** عورتن جي هڪ ٻئي لاءِ اوگهڙ اهائي آهي جيڪا مردن جي هڪ ٻئي لاءِ آهي. اهي هڪ ٻئي جو سمورو جسم سواءِ دنيءَ کان گوڏن تائين ڏسي سگهن ٿيون.

باقي اهي هڪ ٻئي جو سينو ۽ پٺي نه ٿيون ڏسي سگهن، ان ۾ فقه حنفي جي عالمن جي فتوي تي عمل ڪيو ويندو.

**جسم کي ڍڪيندڙ ڪپڙا پائڻ:** عورتن مٿان لازم آهي ته اهڙا ڪپڙا پائن جنهن مان جسم جي کَل ۽ رنگ ڏسڻ ۾ نه اچي. ڇوته عورتن کي سنهي ڪپڙي پائڻ کان روڪيو ويو آهي. حديث شريف ۾ ان لاءِ لفظ "عاريات" آيو آهي.

**"عارية" مثل من تكتسي الثوب الرقيق" (15)**

**ترجمو:** جيڪا عورت سنها ڪپڙا پائي اها عاريت (اگهاڙي) جي حڪم ۾ آهي.

۽ ھيو حڪم آھي:

**"ڪسوة المراة: ماسترھا، فلايبدي جسمھا" (16)**

**ترجمو:** عورت جو لباس، جيڪو انکي ڍڪي ۽ سندس جسم ظاھر نہ ٿئي.

نبي ڪريم عليہ السلام بہ سنھي ڪپڙي پائڻ کان روڪيو آھي.

**"عن عائشة ان اسماءَ بنت ابي بکر دخلت علي رسول الله ﷺ وعليھا ثياب رقاق فاعرض عنھارسول الله ﷺ" (17)**

**ترجمو:** حضرت عائشہ رضہ فرمائي ٿي تہ بي بي اسماءَ بنت ابوبڪر ؓ رسول الله ﷺ وٽ آئي، انکي سنھا ڪپڙا پاتل ھئا. نبي ڪريم ﷺ انکان منھن مبارڪ ڦيرايو.

**جسم جي بيھڪ کي ڍڪيندڙ ڪپڙا پائڻ:** عورتون اھڙو تنگ لباس نہ پائن جن سان انھن جي جسم جي بيھڪ ظاھر ٿئي. ان لاءِ حديث ۾ لفظ "ڪاسيات عاريات" آيا آھن. ۽ انھن لفظن جي وضاحت ۾ فقيھن لکيو آھي:

**"ڪاسيات عاريات، بان تکتسي ما لايسترھا فھي ڪاسية وھي في الحقيقة عارية، مثل الثوب الضيق الذي تقاطع خلقھا" (18)**

**ترجمو:** ڪاسيات ۽ عاريات، يعني عورتون اھڙا ڪپڙا پائن جيڪي انجي جسم کي نہ ڍڪن اھي "ڪاسيات" ۾ شامل آھن ۽ حقيقت ۾ اھي "عاريات" جي حڪم ۾ آھن، جيئن عورتون اھڙو تنگ لباس پائن جنھن سان انھن جي جسم جي بيھڪ ظاھر ٿئي.

۽ شيخ ابن جبير بہ پنھنجي فتوي ۾ لکيو آھي تہ اھڙو ڪپڙو پائڻ عورتن لاءِ جائز نہ آھي جنھن ۾ انھن جي جسم جي ڪَلَ ڏسڻ ۾ اچي.

**"فان المشروط ان لاتصف البشرة اي لايمکن وصف البشرة تحتھا بياض وسواد" (19)**

**ترجمو:** پوءِ اھو حڪم ھن ڳالھ سان مشروط آھي تہ نہ ھجي ممڪن ڏسڻ ان ڪپڙي ھيٺان انجي رنگ (اڇي يا ڪاري) جو.

## عورتن لاءِ مستحب لباس

سونهن ۽ سينگار وارو لباس پائڻ عورتن توڙي مردن لاءِ مستحب آهي.

**"والمندوب من اللباس ما فيه جمال وزينة" (20)**

**ترجمو:** اهڙو لباس پائڻ مستحب آهي جنهن ۾ سونهن ۽ سينگار هجي.

۽ جيڪو لباس عورتن لاءِ نبي ڪريم ﷺ، امهات المومنين ۽ صحابه ڪان روايت ٿيل آهي. اهڙو لباس پائڻ به انهن لاءِ مستحب آهي.

مستحب لباس جو ڪجهه تنصيل هيٺ ڏجي ٿو:

**هيڊو ڪپڙو پائڻ:** حضرت بي بي ام سلمه رضه رنگيل هيڊو ڪپڙو پائيندي هئي.

**"عن ابي مليكة قال: رايت علي ام سلمة درعا وملحفة مصبغتين بالعصفر" (21)**

**ترجمو:** ابي مليڪ جو چوڻ آهي ته مون حضرت بي بي ام سلمه رضه تي قميص ۽ چادر پاتل ڏٺي جيڪا عصفر (هيڊو رنگ چاڙهڻ واري هڪ ٻوٽي) سان رنگيل هئي.

**رنگين ڪپڙو پائڻ:** عورتن کي رنگين ڪپڙي پائڻ جي اسلام ۾ اجازت آهي. جيئن حديث شريف ۾ آهي:

**"ان فاطمة لبست ثيابا صبيغا واكتحلت، وقالت: امرني به ابي ﷺ، قال: صدقت، صدقت، صدقت، انا امرتها" (22)**

**ترجمو:** تحقيق بي بي فاطمه رضه هڪ رنگيل ڪپڙو ۽ سرمو پاتو چيائين ته مونکي انجي پائڻ جي والد صاحب (پاڻ ڪريم) ﷺ حڪم فرمايو آهي. پاڻ ڪريم عليه السلام فرمايو: تون سچ ٿي چوين، تون سچ ٿي چوين، تون سچ ٿي چوين ته مون تو کي انجو حڪم ڪيو آهي.

**سونهن ۽ سينگار وارو لباس پهرڻ:** اسلام ۾ سني ۽ وٽندڙ لباس

پاڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي. حديث شريف ۾ آهي:

**"عن ابي الاحوص عن ابيه قال: اتيت النبي ﷺ في ثوب دون، فقال: الک مال؟ قال: نعم. قال: من اي المال؟ قال: قد آتاني الله من الابل والغنم والخيل والرقيق. قال: فاذا آتاک الله مالا فلير اثر نعمة الله عليک وکرامته" (23)**

**ترجمو:** ابو احوص پنهنجي پيءُ کان روايت ڪري ٿو ته آءٌ نبي ڪريم عليه السلام وٽ خسيس ڪپڙن ۾ آيس. پاڻ ڪريم عليه السلام فرمايو: ڇا تو وٽ ملڪيت آهي؟ مون چيو: هائو. پاڻ ڪريم عليه السلام فرمايو ڪهڙو مال اٿيءِ؟ مون چيو: الله تعالى مونکي اٺ، ٻڪريون، گهوڙا ۽ ٻانها ڏنا آهن. پاڻ ڪريم عليه السلام فرمايو: جڏهن توکي الله تعالى ملڪيت جي نعمت ۽ عزت عطا ڪئي آهي ته انجو اثر تنهنجي جسم تي ڏسڻ ۾ اچڻ گهرجي.

**ٻين ملڪن يا علائقن جو لباس پائڻ:** نبي ڪريم عليه السلام ۽ صحابي مرد توڙي عورتون ٻين ملڪن يا علائقن جو مشهور لباس چاهه سان پائيندا هئا.

**"عن دحية الكلبي انه قال: اتي رسول الله ﷺ بقباطي فاعطاني منها قبطية فقال اصدعها صدعين فاقطع احدهما قميصا واعط الآخر امراتک تختمريه " (24)**

**ترجمو:** حضرت دحيه ڪلبي رضہ کان روايت آهي ته نبي ڪريم عليه السلام کي مصر جي قبطي قبيلي وارن جو اڇو سنهو ڪپڙو تحفي ۾ ڏنو ويو، پاڻ ڪريم عليه السلام انکي ٻن حصن ۾ ڪٽڻ جو حڪم ڪيو. ۽ فرمايو انجو هڪ حصو قميص لاءِ ڪٽ ۽ ٻيو حصو پنهنجي زال کي ڏي جيڪا ان مان چادر ڪري.

هڪ ٻئي حديث ۾ آيل آهي:

"عن قتادة قال قلنا لانس بن مالک اي اللباس کان احب الي النبي ﷺ. قال: الحبرة" (25)

**ترجمو:** قتاده چيو آهي ته اسان حضرت انس بن مالک کان پڇيو ته پاڻ ڪريم عليه السلام کي ڪهڙو لباس وڌيڪ پسند هيو، چياٿين يمني چادر جنهن ڳاڙها پٽا هوندا هئا.

ٻين شهرن، ملڪن، قومن ۽ علائقن جو لباس پائڻ ڪيترين ئي حديثن ۾ آيل آهي.

## عورتن لاءِ مباح لباس

جديد دنيا جو اهو سمورو لباس عورتن لاءِ جائز آهي جيڪو انجي جسم کي ڍڪي، سنهو نه هجي ۽ عورتن جي جسماني بيهڪ کي ظاهر نه ڪري. عورتن وارو لباس مردن جي لباس وانگر نه هجي، ان ۾ تصوير چٽيل نه هجي.

## عورتن لاءِ ناجائز يا حرام لباس

مردن ۽ عورتن جي لباس ۾ بنيادي فرق ته نه آهي (جيئن مرد توڙي عورتون سلوار، قميص پائن ٿا) پر ڪجهه لباس کي خاص مردن ۽ ڪجهه کي خاص عورتن لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي، جيئن:

**ريشمي ڪپڙو:** ريشم جي ڪپڙي کي نبي ڪريم عليه السلام عورتن لاءِ جائز ۽ مردن لاءِ حرام قرار ڏنو آهي. جيئن حديث شريف ۾ آهي:

"عن ابي موسي اشعري ان رسول الله ﷺ قال: ان الله عزوجل احل لاناث امتي الحرير والذهب وحرمه علي ذكورها" (26)

**ترجمو:** حضرت ابوموسي اشعري رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبي ڪريم عليه السلام فرمايو: ريشم جو ڪپڙو ۽ سون منهنجي امت جي عورتن لاءِ حلال ۽ مردن لاءِ حرام آهي.

حديث ۾ آيل آهي ته نبي ڪريم عليه السلام جي ڌيءَ نياڻين حضرت بي

بي زينب رضہ ۽ حضرت بي بي ام ڪلثوم رضہ ريشم جو ڪپڙو پاتو هو.

”عن انس ﷺ قال: رايت علي زينب بنت النبي ﷺ قميص حرير سيراءَ“ (27)

**ترجمو:** حضرت انس ﷺ کان روايت آهي تہ: مون حضرت نبي ڪريم عليہ السلام جي نياڻي بي بي زينب رضہ کي ريشم واري عمدي قميص پاتل ڏٺي.

هڪ ٻي حديث ۾ آهي:

”راي علي ام كلثوم بنت رسول الله ﷺ برد سيراءَ، والسيراءَ المضلع بالقز“ (28)

**ترجمو:** نبي ڪريم عليہ السلام جي نياڻي ام ڪلثوم رضہ کي ريشم جي چادر پاتل ڏٺي جيڪا عمدي پٽا پٽا هئي.

**مردن وارو لباس:** عورتن لاءِ اهڙو ڪپڙو پائڻ حرام قرار ڏنو ويو آهي جيڪو (خاص) مردن جو لباس هجي ۽ ساڳيءَ ريت مردن لاءِ بہ عورتن وارو ڪپڙو پائڻ حرام قرار ڏنل آهي. جيئن حديث شريف ۾ آهي:

”عن ابي هريرة قال لعن رسول الله ﷺ الرجل يلبس لبسة المراة والمراة تلبس لبسة الرجل“ (29)

**ترجمو:** حضرت ابوهريره ﷺ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم عليہ السلام اهڙي مرد تي لعنت ڪئي آهي جيڪو عورتن وارو لباس پائي ٿو ۽ اهڙي عورت تي لعنت ڪئي آهي جيڪا مردن وارو لباس پائي ٿي.

هڪ ٻي حديث آيل آهي:

”عن ابن عباس عن النبي ﷺ انه لعن المتشبهات من النساءِ بالرجال والمتشبهين من الرجال بالنساءِ“ (30)

**ترجمو:** حضرت ابن عباس ﷺ کان روايت آهي تہ: نبي ڪريم عليہ السلام اهڙن مردن تي لعنت ڪئي آهي جيڪي عورتن سان مشابهت ڪن ٿا ۽

اهڙين عورتن تي پڻ لعنت ڪئي آهي جيڪي مردن سان مشابهت ڪن ٿيون.

**شهرت وارو لباس:** اُچو توڙي سنو لباس پائڻ مرد توڙي عورتن لاءِ جائز آهي پر شهرت يا وڏائي وارو لباس پائڻ جائز نه آهي. ڇوته نبي ڪريم عليه السلام شهرت ۽ وڏائي واري لباس پائڻ کان روڪيو آهي. جيئن حديث شريف ۾ آهي:

**"قال رسول الله ﷺ: من لبس ثوب شهرة في الدنيا، البسه الله ثوب مذلة يوم القيامة، ثم الهب فيه نارا" (31)**

**ترجمو:** نبي ڪريم عليه السلام فرمايو: جيڪو ماڻهو دنيا ۾ شهرت جو لباس پائيندو ته انکي الله تعالي قيامت ۾ خواري وارو لباس پارائيندو، پوءِ انکي باهه ۾ وڌو ويندو.

**تصوير وارو لباس:** نبي ڪريم عليه السلام تصوير واري لباس پائڻ کان مردن توڙي عورتن کي روڪيو آهي. جيئن حديث مبارڪ ۾ آهي:

**" عن علي قال صنعت طعاما فدعوت النبي ﷺ فجاءَ فدخل فراي سترا فيه تصاوير فخرج وقال ان الملائكة لاتدخل بيتا فيه تصاوير" (32)**

**ترجمو:** حضرت علي ؓ فرمائي ٿو ته اسان طعام تيار ڪيو ۽ نبي ڪريم ﷺ کي دعوت ڏني سون. نبي ڪريم عليه السلام آيا ته پردي تي تصوير ڏٺائون ۽ گهر کان ٻاهر هليا ويا. ۽ فرمايائون ته بيشڪ ملائڪ تصوير واري گهر ۾ داخل نه ٿيندا آهن.

**"فانه يضاهي صورة الاصنام التي هي الاصل في منع التصوير" (33)**

**ترجمو:** تصوير جي منع جو سبب بتن جي مشابهت آهي.

(18) فتاوي مرأة لمسلمة، ص 503. طبع د رالغد لجديد مصر. طبع ول سال 2003
(19) فتاوي سلامية، أصحاب فضيلة لعلماء، جلد 4 ص 242. نشر د رلوطن ريـاض.
طبع ول
(20) سيد سابق. فقه لسنة. جلد 3 ص 356. نشر د ر لكتاب لعربي بيروت. طبع ثون
سال 1987
(21) امام عبد لله بن محمد شيبه. مصنف بن ابي شيبه. جلد 6 ص 17. د ر لفكر بيروت.
سال طبع 1994
(22) جامع تراجم ومسانيد لصحابيات. جلد 2 ص 142. د ر لكتب لعلميه بيروت. طبع
ول سال 2002
(23) امام سليمان بن اشعث. سنن ابي داؤد. جلد 2 ص 207. مكتبه امداديه ملتان
(24) يضا 2 ص 214
(25) يضا جلد 2 ص 206-207
(26) امام حمد بن شعيب. سنن نسائي. جلد 2 ص 293. قديمي كتب خانه كراچي
(27) يضا جلد 2 ص 295
(28) يضا جلد 2 ص 295
(29) امام سليمان بن اشعث. سنن ابي داؤد. جلد 2 ص 212. مكتبه امداديه ملتان
(30) يضا جلد 2 ص 212
(31) امام محمد بن يزيد. سنن ابن ماجه. ص 257. قديمي كتب خانه كراچي
(32) امام حمد بن شعيب. سنن نسائي. جلد 2 ص 293. قديمي كتب خانه كراچي
(33) بن حجر عسقلاني. فتح الباري. جلد 10 ص 395. د رنشر لكتب الاسلاميه لاهور
سال طبع 1981

# گوشہ انجمن اساتذہ علوم اسلامیہ کالجز کراچی

## پانچویں سالانہ صوبائی سیرت النبی صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم کانفرنس ۲۰۱۳ء کی روداد

انجمن اساتذہ علوم اسلامیہ کالجز کراچی سندھ (رجسٹرڈ) کے زیر اہتمام ۲۰۰۶ء سے چار صوبائی سیرت النبی ﷺ کانفرنسیں اور ۱۷ سیمینارز ورکشاپس وغیرہ منعقد کی گئی تھیں، ۲۰۱۱ء میں وفاقی اردو یونیورسٹی شعبہ عربی کے اشتراک سے پہلی قومی سیرت النبی ﷺ کانفرنس منعقد کی گئی تھی۔ پانچویں سالانہ صوبائی سیرت کانفرنس سندھ کی سطح پر منعقد کرنے کے لئے جنوری تا دسمبر ۲۰۱۲ء کے مجلہ علوم اسلامیہ انٹرنیشنل ج ۸، ش ۱۵۔۱۶ میں اس کانفرنس کے انعقاد کا اعلان کیا گیا تھا اور اہل علم کو مقالہ لکھنے کی دعوت دی گئی تھی اس حوالہ سے اکتوبر اور دسمبر ۲۰۱۲ء میں باقاعدہ آفر لیٹر بھی ارسال کئے گئے تھے، کانفرنس کا مرکزی عنوان تھا: ''خواتین کا مقام اور ان کے حقوق و فرائض سیرت طیبہ کی ﷺ روشنی میں'' تیس ذیلی عنوانات پیش کئے گئے تھے تاکہ مقالہ نگاروں کو کسی مخصوص پہلو کے انتخاب میں سہولت ہو۔

اسی حوالہ سے کالج کی سطح پر چھٹا سالانہ جلسہ سیرت النبی ﷺ عبداللہ گورنمنٹ گرلز کالج میں منعقد کیا گیا، جس میں ایم اے اسلامک اسٹڈیز سال اوّل و دوم کی طالبات نے اپنے تحقیقی مقالات ذیلی عنوانات پر تحریر کئے اور پیش کئے (یہ مقالات بھی اس مجلہ کا حصہ ہیں) صوبائی سیرت کانفرنس سرسید گورنمنٹ گرلز کالج لیاقت آباد ٹاؤن کراچی میں منعقد ہوئی، جس میں سندھ کے شہر لاڑکانہ، سکھر، حیدرآباد، پنوعاقل وغیرہ سے محقق پروفیسرز ڈاکٹرز اور علماء نے شرکت کی۔

تقریب کا آغاز پروفیسر ڈاکٹر محمد بلال عثمانی صاحب این ای ڈی یونیورسٹی کراچی کی تلاوت سے ہوا، جناب حافظ محمد نعمان طاہر صاحب نے نعت پیش کی۔

اسٹیج سیکریٹری کے فرائض پروفیسر ڈاکٹر عزیز الرحمن سیفی فاسٹ یونیورسٹی نے انجام دیئے، محققین نے اپنے مقالات کا خلاصہ پیش کیا۔ تحقیقی مقالات ریویو کمیٹی کے سامنے پیش کئے گئے، منتخب مقالات مجلہ میں شائع کئے جارہے ہیں۔

### سیرت نگار ایوارڈ یافتگان:

بیرون کراچی کے مہمانوں کے لئے قیام و طعام کا انتظام کیا گیا تھا تمام مقالہ نگار محققین کو سیرت

نگاری ایوارڈ اور بیگ دیئے گئے، منتخب مہانوں کو مجلہ علوم اسلامیہ ۲۰۱۲ء کا شمارہ ۱۵۔۱۶ پیش کیا گیا اور معاونین وسرپرستوں کو حسن کارکردگی ایوارڈ دیئے گئے۔ سیرت نگار ایوارڈ یافتگان: ۱۔ پروفیسر ڈاکٹر مخدوم محمد روشن صادیقی صاحب، ۲۔ پروفیسر ڈاکٹر ثناء اللہ بھٹو صاحب، ۳۔ محترمہ شازیہ بھٹو صاحبہ، ۴۔ پروفیسر جہاں آراء لطفی صاحبہ، ۵۔ پروفیسر ڈاکٹر حافظ سید ضیاء الدین صاحب، ۶۔ پروفیسر ڈاکٹر سید شعیب اختر شاہین صاحب، ۷۔ ڈاکٹر سعید احمد صدیقی صاحب، ۸۔ پروفیسر حسنہ بانوں صاحبہ، ۹۔ پروفیسر نصرت جہاں صاحبہ، ۱۰۔ پروفیسر حسین بانو صاحبہ، ۱۱۔ پروفیسر کہکشاں ہاشمی صاحبہ، ۱۲۔ پروفیسر ڈاکٹر عزیز الرحمن سیفی صاحب، ۱۳۔ پروفیسر ڈاکٹر حبیب الرحمن صاحب۔ ۱۴۔ پروفیسر ڈاکٹر کرم حسین ودھو صاحب، ۱۵۔ پروفیسر ڈاکٹر محمد بلال عثمانی صاحب، ۱۶۔ پروفیسر ڈاکٹر محمد ادریس آزاد صاحب، ۱۷۔ پروفیسر ڈاکٹر عبدالقادر چاچڑ صاحب، ۱۸۔ پروفیسر ڈاکٹر عبدالوحید اندھڑ صاحب، ۱۹۔ پروفیسر عبدالواسع بھٹو صاحب، ۲۰۔ ڈاکٹر زرینہ قاضی صاحبہ، ۲۱۔ پروفیسر ڈاکٹر عبدالحی مدنی صاحب، ۲۲۔ پروفیسر خلیل اللہ صاحب

## حسن کارکردگی ایوارڈ یافتگان

:۱۔ پروفیسر ڈاکٹر زبیر احمد شیخ صاحب، ۲۔ پروفیسر ڈاکٹر ناصر انصار صاحب، ۳۔ پروفیسر صالحہ سلام صاحبہ، ۴۔ پروفیسر محمد عزیر مدنی صاحب، ۵۔ پروفیسر رعنا یاسمین صاحبہ، ۶۔ پروفیسر غلام زہرہ صاحبہ، ۷۔ پروفیسر سلمہ فاروقی صاحبہ، ۸۔ پروفیسر نسرین بانو صاحبہ، ۹۔ پروفیسر سیدہ بلقیس اختر صاحبہ، ۱۰۔ پروفیسر رفعت بانو صاحبہ، ۱۱۔ پروفیسر ایم اے قادر غوری صاحب، ۱۲۔ پروفیسر کاشف احمد فاروقی صاحب، ۱۳۔ جناب جاوید علی خان صاحب، ۱۴۔ جناب عظیم خاں صاحب

تقریب کے اختتام پر مہمانوں کو لنچ کرایا گیا اور کانفرنس پر تحریری تاثرات لئے گئے، شرکاء کانفرنس کو انجمن کی جانب سے سرٹیفکیٹ پیش کئے گئے، صدر انجمن نے اپنا مقالہ عربی میں پیش کیا اور تجاویز پیش کیں جو کہ اداریہ میں موجود ہیں۔ کچھ منتخب تاثرات ذیل میں پیش کئے جارہے ہیں۔

کانفرنس میں اساتذہ کرام کو مدعو کرنے کے لئے ایک سو سے زائد کالجز میں دعوت نامے ارسال کئے گئے اور اوسطاً پانچ مرتبہ میسجز کے ذریعہ شرکت کی دعوت دی گئی ۲۵ اخبارات کو خبریں ارسال کی گئیں، عہدیداران کو پابند کیا گیا کہ وہ خود شریک ہونے کے ساتھ دیگر اساتذہ تک پیغام پہنچائیں اور جو اساتذہ جس قسم کا تعاون کرنا یا کروانا چاہیں آگاہ فرمائیں۔

ایم اے اسلامک اسٹڈیز سال اوّل ودوم عبداللہ کالج کی طالبات نے انتظامی امور سنبھالے آخر میں انہیں صدر انجمن کی جانب سے سرٹیفکیٹ پیش کئے گئے، سرسید گرلز کالج کی پرنسپل صاحبہ کو بھی سرٹیفکیٹ